# - سندهی




Published by the Comic Bible Society, LLC
Copyright © 2021

Kingstone Comics maintains copyright to this comic book as provided by United States copyright law.

Print and digital copies of this version may be freely distributed without penalty under a Creative Commons license.


بلڪل شروعات ۾ ، انهيءَ وقت
جڏهن وقت بہ جوڙيو ڪونہ ويو هو.
خدا موجود هو.
هو ٽن ماڻهن جي شڪل ۾ هو
جيڪي برابر ، ابدي پر هڪڙو
جيڪو هر ڪنهن وٽ هو.
خدا اڪيلو نہ هيوء. هو پنهنجو پاڻ سان
وڏي رفاقت رکيندو هو
۽ پوء بہ هي اُهي ئي هو، جنهن زمين ۽ آسمان
کي خلق ڪيو.

پيدائش 1: 1-2


۽ خُدا چيو تہ ، سوجهرو ٿئي ۽ سوجهرو ٿي ويو.
خدا ڏٺو تہ سوجهرو چڱون آهي ۽ هن اونداهي کان روشني کي جدا ڪيو.
خدا سوجهري کي ڏينهن ۽ اونداهہ کي رات سڏيائين ۽ ساانجهي ۽ صبح ٿيو ، يعني پهريون ڏينهن ٿيو.
۽ خدا فرمايو: پاڻي جي وچ ۾ فضأ هجي ، جيڪا پاڻي کي پاڻي کان ڌار ڪري.
سو خدا فضاء کي ٺاهيو ۽فضاء جي هيٺين پاڻي کي مٿين پاڻي کان ڌهار ڪيو ۽ ايهين ئي ٿيو.۽خدا فضاء کي "آسمان" چيو.




پيدائش 1: 3-8


۽ خدا چيو تہ “آسمان جي هيٺيون پاڻي هڪ جڳاهي تي گڏ ٿييء تہ خُشڪي ڏسڻ ۾ آچي.
۽ خدا خُشڪي کي “زمين” چيو ۽ جيڪا پاڻي گڏ ٿي ويو هو اُنهي کي “سمنڊ.
۽ خدا ڏٺو تہ چڱون آهي.
پوءِ خدا فرمايو تہ “زمين تي گاه ۽، ۽ ٻج رکيندڙ ٻوٽن ۽ ڦروٽ ڏيڻ ورا, ميوا ڏئين وارا وڻڻ کي آنهن جي پنهنجي پهنجي قسمن جي مطابق ۽ جيڪي زمين تي پهنجي پاڻ ۾ ٻج رکن آپاريئين ۽ ائين ائي ٿيو


تڏهين زمين گاهہ ۽ ٻوٽين جيڪي پنهنجي
پنهنجي جنس جي مطابق ٻج رکڻ ۽ ميوات وارا
وڻ جن جا ٻج هنن جي جنس مطابق آهين رکن
اُپاريئين.
۽ خدا ڏٺو تہ چڱون آهي
سو سانجهي ۽ صبح ٿيو ،يعني
ٽيون ڏينهن ٿيو
پيدائش 1: 9-13


خلق جي هفتي جي چوٿين ڏينهن تي ، خدا سج ، چنڊ ۽ تارن جي هڪ وسيع ڪائنات کي ٺاهيو.
۽ خدا چيو تہ ”آسمان ۾ چنڊ هجڻ تہ جيئن ڏينهن کي رات کان ڌار ڪري ۽ نشانين ۽ زمانن ۽ ڏهينن ۽ سالن جي فرق جي لاء هُجن ۽ اُهي آسمانن تي چنڊلاء هُجن تہ زمين کي روشني ڏيڻ.
ايئن ئي ٿيو. ان ڪري خدا بہ وڏا نير ٺاهياهڪ نيراڪبر جيڪو ڏينهن تي حڪومت ڪري ۽ هڪڙو نير اصغر جيڪو رات تي حڪومت ڪندو ۽ تارا بہ جوڙيائين.


۽ خدا هنن کي آسمان تي رکيائين تہ زمين تي سوجهرو کن.۽ ڏينهن تي ۽ رات تي حکومت کن ۽ سوجهري کي اونداهہ کان ڌار کن.
۽ خدا ڏٺو تہ سٺو آهي
سو سانجهي ۽ صبح ٿيو ،سو چوٿون ڏينهن ٿيو
پيدائش 1: 14-19


خلق جي هفتي جي پنجين ڏهين خدا پاڻي کي جان دارن جي گهٽائيءَ سان ڀري ڇڏيو.
۽ خدا چئيو تہ "پاڻي جاندارڻ کي گهٽائيء سان پيدا ڪري.۽ پکي زمين جي مٿي آسمان ۾ اُڏامڻ.
۽ خدا وڏڻ وڏڻ دريا ئي جانورن کي ۽ هر قسم جي جاندارن کي جيڪي پاڻي مان گهٽائي سان پيدا ٿيا هياء آنهين جي جنس جي موافق، ۽ هر قسم جي پکين کي اُنهن جي جنس جي مُوافق پيدا ڪيا.



۽ خدا ڏٺو تہ سٺو آهي.
۽ خُدا اُنهن کي اهياء چئيي برڪت ڏني تہ ميوادار ٿيو وڌو ۽ انهي سمنڊ جي پاڻي کي ڀري ڇڏيو ۽ پکي زمين تي وڌي وڃڻ.
سو سانجهي ۽ صبح ٿيو ۽ پنجون ڏينهن ٿيو
پيدائش 1: 23-20


خلق جي هفتي جي ڇهين ڏينهن تي
خدا انهن جانورن کي پيدا ڪيو
جيڪي زمين تي رهندا آهن.
۽ خدا چيو تہ " زمين جاندارن کي جنس جي مُوافق
سيئي ڍور ۽ سرندڙ جاندار,جهنگلي جانور سندن
جنس موجب پيدا ڪري.


۽ ائين ئي ٿيو.
۽خدا جهنگلي جانورن ۽ ڍورڻ کي اُنهن جي جنس جي موافق ۽ زمين جي سُريندڙ جاندارن کي اُنهن جي جنس جي مطابق ٺاهيو.
۽ خدا ڏٺو تہ سُٺو آهي.
پيدائش 1: 24-25




پيدائش 1: 2-31: 7


۽ خداوند خدا هڪڙو باغ اُڀرندي طرف عدن ۾ پوکيو.
۽ انسان کي جهين کي هُن ٺاهيو هو اُتي رکيو.
باغ جا وڻ ڏسڻ ۾ خوشنما ۽ کائڻ جي لاءِ سُٺا هئيا.
پاڻي زمين مان نڪرندو هو ۽ باغ کي سيراب ڪندو هو ۽ باغ جي وچان درياهہ وهندو هو.
جيتوڻيڪ خدا ڪيس بڻايو هو، هن آدم کي باغ جي سنڀال جو ڪم ڏنو.

پيدائش 2: 15-4


خدا باغ جي وچ ۾ زندگي جو وڻ پوکيو جيکو دائمي زندگي ڏيندو هو. هُڻ هڪ ٻيو وڻ بہ پوکيو جيکا نيڪ وبد جي سڃاڻ جو وڻ هو.
۽ خداوند خدا آدم کي چيو تہ هو باغ ۾ هر وڻ جو ميوو بغير پابنديءَ جي کائي سگھي ٿو.
پر هن پڻ هن کي سخت خبردار بہ ڪيو.


پر تون نيڪ و بد جي سڃاڻ واري
وڻ مان کڌهين بہ نه کائجان ڇو
جي جنهن ڏينهن تون ان مان کاڌو
تہ مرندين.
پيدائش 2:9، 16-17





پيدائش 2: 19-20




پيدائش 2: 18-24




پيدائش 2: 22-25


شيطان جيڪا ڪرائيل فرشتن مان هڪ هو ،خدا جي هن منصوبي کي تباهہ ڪرڻ جي ڳولاهہ ۾ هو.
هو ڏيسندو ۽ انتظار ڪندو رهيوتہ ڪڏهين هُن کي موقع ملي ۽ هوُ خدا جي خوبصورت ڪم کي تباهہ ڪري ڇڏي.
انهي ڪري هو باغ اندر نانگ ۾ داخل ٿي ڪري حوّا سان مخاطب ٿيو.
هُن جيڪو پهريون ڪم ڪيو هو هڪ سوال هوتہ خدا اوهان کي ڇا چئيو هو
ڇا اهو سچ آهي، تہ خدا چيو آهي تہ اوهين” باغ جي ڪنهن بہ وڻ جو ميوو نہ کائجو؟“
حوّا انهي ڳالهہ کان سُني نموني سان واقف هُئي جيڪا ڪُج خدا هن کي چيوهو تنهين کي ورجايو.
باغ جي وڻن جو ميوو تہ اسين کائون ٿا پر جيڪو وڻ باغ جي وچ ۾ آهي تنهن بابت خدا چيو آهي تہ انهيءَ جو ميوو اوهين نہ کائجو،۽ نہ انهيءَ کي هٿ لائجو،متان اوهين مري وڃو.


پوءِ شيطان هڪڙو وڏو ڪوڙ ڳالهايو ۽ ڪوشش
ڪئي تہ خدا جي ڀلائيءَ ڪردار بابت سوال اُٿاري.
پڪ اوهين
ڪين مرندا.
بلڪ خدا کي خبر آهي تہ جنهن ڏينهن
اوهين اهو کائيندا، تنهن ڏينهن
اوهانجيون اکيون پٽجي پونديون ، ۽
اوهين خدا وانگر ٿيندا، ۽ نيڪيءَ ۽
بديءَ کي سمجهندڙ ٿي ويندا.
ميوو کائڻ لاءِ
چڱو..........ڏسڻ ۾
سهڻو آهي.
وڌيڪ اهيو تہ آئون
عقلمند ٿي ويندس.
ڏس ، مان نہ موي آهيان.
توهان بہ کائينس تہ تون بہ
مون جهڙو عقلمند ٿي پوين.

پيدائش 3: 4-6



هي مون ڇا
كيو؟
أُف
نہ
آدم ۽ حوا خدا جي پيار ڪندڙ حڪم جي
نافرماني ڪئي. انهيءَ وقت انهن کي
شرم محسوس ٿيوڇاڪاڻ تہ انهن
محسوس ڪيو تہ اهي اُگهاڙا آهن..
مون ڪڏهن پهرين
بہ ائين محسوس
ناهي ڪيو
مون کي گندو ۽
شرمندو محسوس
ٿي رهيو آهي.
آدم ۽ حوّا انجير جي پنن کي سلائي ڪري پنهنجو پاڻ
۽ پنهنجو اگهاڙ کي لڪائڻ جي ڪوشش ڪئي.
جڏهين ڏينهن نرئي خداوند خدا باغ ۾ پي گهميو،
تڏهين هنڻ سندس آواز ٻُڌو تہ ڏوڙيا ۽ پنهنجي پاڻ کي
لڪائيون.


پيدائش 3: 8-6



تون ڪٿي آهين؟
مون باغ ۾ تنهنجو آواز ٻڌو ۽ ڊڄي ويس ڇو تہ آئون اُگهاڙو هوس،تنهڪري پاڻ کي لڪايم.
توکي ڪنهن ٻڌايو آهي تہ تون اُگهاڙوآهين؟
تو انهين وڻ جو ميوو کاڌو ڇا، جنهن جي کائڻ کان توکي منع ڪئي هئي؟
جهين زال جا تو مون کي ڏني آهي،تنهن مون کي انهي وڻ جو ميو ڏنو ۽ مون کاڌو.
تو هي ڇا ڪيو؟
نانگ مون کي ڀنڀلايو هُن چيو تہ آئون ڪون مرندس ، ۽ اهيو ٻہ تہ تو جهڙي ٿي ويندس.
هُن مون سان کوڙ ڳالهيو.
جيئن تہ تو هي ڪم ڪيو آهي، تنهن ڪري تون سيني ڍورن ۽ جهنگلي جانورن ۾ لعنتي آهين.تون پيٽ پررڙهي هلندين ۽ سڄي حياتي مٽي کائيندين.
۽ آئون تنهنجي ۽ عورت جي وچ ۾ .......
۽ تنهنجي نسل ..... ۽ عورت جي نسل جي وچ ۾ دشمني وجهندس.
هو تنهنجو مٿو چٿيندو ۽ تون هن جي ڪڙي ڏنگيند ين.
خدا شيطان ۽ اُنهي جي ساٿين کي تباهہ ڪري سگهيو ٿي،پر هُن انهن کي انسانن جي آزمائش جي لاءِ زندگي گزارڻ جي اجازت ڏني. تہ هو ڏسي سگهي تہ ڪير خدا جي پيروي ڪن ٿا ۽ ڪير شيطان جي بغاوت جو حصو بڻجڻ ٿا.
هتائين خدا مستقبل جي جنگ جو وعدو ڪري ٿو. جڏهين انهي عورت جي اولاد شيطان کي شڪست ڏيندي. ۽ انسانيت کي گناهہ ۽ موت جي لعنت کان نجات ڏياريندي.


پيدائش 3: 8-15


تنهنڪري خداوند خدا هن کي عدن جي باغ مان ڪڍي ڇڏيو تہ هو انهي زمين کي جنهن مان هونئڪتو آهي تنهن کي پوکي.
هن نہ پئي چاهيو تہ اهي سدائين گناهن جي هن حالت ۾ زندگي گزارين..
انهن کي باغ مان ڪڍهن کان پوءِ ،هن جي حفاظت جي لاءِ هڪڙي ملائڪ ۽ چوڌاري گهمندڙ ۽ چمڪندڙترار رکيائين تہ زندگيءَ جي وڻ جي واٽ جي چوڪيداري ڪن


خدا جي نافرماني جي كري كيتريون
ائي مشكلات جوشروعات ٿي ويو.
پيدائش 3: 23-24










پيدائش 2: 5 ، 4: 1-2


ننڍي پُٽ، هابيل ريڍار
ٽيڻ ڪي پسند ڪيو.
جيئن جيئن قائن ۽ هابيل وڏندا
ويا،قائن مٽي سان ڪم ڪرڻ ڪي
ترجيح ڏني.
خدا جوڙي تي ۽ هنن جي ٻارڻ ڪي ڏيکاريوتہ ڪيئن اهي گناه
جي سنگينيءَ جي ياد ڏياريندڙ طور ڪيئن اهي نذرانو ڏيندا
جيتوڻيڪ ريڍر ۽ هارپوہئي قابل احترام پيشا هئا - قائن ۽ هابيل
پنهنجي نذرانن ڪي مختلف طريقن سان خدا جي آڏو پيش ڪيون.
قائن پنهنجي پسند ۾
سندس ڪجہ فصل آڻڻ لاءَ
چونڊ ڪئي.
خدا هابيل ۽ سندس تحفو قبول ڪيو - پر قائن جي
نذراني ڪي منظور نہ ڪيو.
هابيل جو نذرانو پنهنجي رڍن ٻڪرين
مان پهريان ڦر جو هو. اهي خدا جي لاءَ
دل سان ڏنل هن جو سڀ ڪان بهترين
نذرانو هو.
۽ اهو انهيءَ طريقي سان
ڏنو ويو جو خدا انهن ڪي
ڏيکاريو.

پيدائش 4: 2-4


توکي ڪاوڙ چو لڳي آهي؟
۽ منهن لٿل چو ٿيو آهين؟
جيڪڏهين تون چڱون ڪرين، ته قبول نہ پوين ڇا؟
پر جي تون چڱو نٿو ڪرين تہ گناھ تنهنجي دروازي تي ڇپ هڻي ويٺو آهي.
۽ تنهنجي خواهش اٿس ، پر تون مٿس غالب پئہ
پر قائن خدا جي ڳالهہ نہ ٻُڌڻ جي ڇُنڊ ڪئي...........
منهنجها ڀاءُ اچ ڏس خدا ڪهڙي طرح خدا منهنجي فصل کي برڪت ڏني آهي.
ڪرڪ
پر ڀاءُ هي....




پيدائش 4: 17-22 5:24




پيدائش 4: 6-25: 1


پر معاشري جو گهڻو ڪري حصوانتهائي ظالم ٿي ويو. ۽ ماڻهو غير اخلاقي ٿي ويا.
اوهي دهاتون جنهن ڪان اوزار ٺاهيا ويندا هئا زخمي ۽ قتل ڪرڻ جي لاءَ هٿيار ٺاهڻ جي لاءِ تيار ٿيڻ لڳا.
هر سوچ گناهگار هئي ۽ ڪو بہ هڪ راستبازي جي زندگي نہ گذاري رهيو هو.
مردن پنهنجي ساٿي ماڻهن کي غلام بڻاي ورتو.
آدم هڪ گناھ ڪيو - پر هاڻي سندس اولاد ڪيترائي گناھ ڪيا آهن.
خدوند غمگين هو. ۽ هن جي دل درد سان پرجي وي هئي.
خدا ، جيڪو پاڪ ۽ ڪامل آهي — انهي وڏي ۽عظيم شرارت ڪان جيڪو هاڻي زمين تي ٿي رهي هئي غمگين هو.
هن پنهنجي خلق ڪيل شئين جو صفايوءَ ڪرڻ جو ارادو ڪيو.زمين تان انسان ۽ جانور ٻنين کي
پر هڪڙي ماڻهوءَ ... کي خدا جي نظر ۾ مقبوليت ملي

پيدائش 6: 5-8

"THE BIBLE EXPLAINED
IN EVERY LANGUAGE."

